# دِل جي اِصلاح

## ڇو ضروري آهي؟

18-August-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

18 آگسٽ، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# دِل جي اِصلاح ڇو ضروري آهي؟

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

- ✿... طالِبِ عِلمِ دِين جي نصيحت
- ✿... پاڪيزه دِل جون برڪتون
- ✿... الله پاڪ جي قُرب جو حق دار ڪير آهي؟
- ✿... دِل جون 4 بيماريون ۽ ان جو علاج
- ✿... دِل جي سختي جا 3 روحاني علاج

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي پياري حبيب، دلين جي طبيب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شخص محبت ۽ شوق سان 3 ڀيرا ڏينهن ۾ ۽ 3 ڀيرا رات ۾ مون تي درودِ پاڪ پڙهي، الله پاڪ تي حق آهي ته ان جي اُن ڏينهن ۽ ان رات جا گُناهَ مُعَاف فرمائي ڇڏي.[1]

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اسان ٿورو ڌيان ڪريون ته ڪيتري سُولائي سان گُناهَ بخشرائي سگھجن ٿا، مثال طور صبح فجر نماز باجماعت ادا ڪريون، مٿو جهڪائي، اکيون بَند ڪري ۽ سبز سبز گنبد جو تَصَوُّر ڪري 3 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهون، اهڙي طرح رات جو سمهڻ مهل بستر تي قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهي، مٿو جهڪائي، اکيون بند ڪري ۽ پياري پياري گنبدِ خضرا جو تَصَوُّر بَڌي 3 ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! ان ڏينهن ۽ ان رات جا گُناهَ مُعَاف ٿي ويندا، خيال رهي! ڪبيره گُناهَ سچي توبہ سان مُعَاف ٿين ٿا، اهڙي طرح قضا نمازون، قضا روزا، ٻانهن جا مالِي، جسماني حق ذِمي تي هجن ته

[1]...معجم ڪبير، جلد:8، صفحہ:69، حديث:15316۔

انهن جي ادائيگي بہ لازمي آهي.

وہ تو نہایت سَستا سودا، بیچ رہے ہیں جنت کا
ہم مُفلس کیا مول چکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیبِ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي.(2)

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞رضاءِ اِلٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ با اَدَب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّہ سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیبِ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## طالِبِ عِلمِ دِين جي نصيحت

علّامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀار مدرسي ۾ پنهنجي ڦرهي (تختي) ڌوئي رهيو هوس، پاڻي سان ڦرهي جي سياهي(ڪاراڻ) نہ لٿي تہ ٻار هڪ رَسّي ڪٽي، ان کي پاڻي سان آلو ڪري وري رَسّي تي مِٽي لڳائي ۽ ان جي ذريعي سياهي ڌوئڻ لڳو، قريب ئي هڪ شخص ويٺي هي منظر ڏسي رهيو هو، ڦرهي ڌوئڻ جو هي نرالو انداز ڏسي ان شخص چيو: پٽ! ڦرهي کي رَسّيءَ سان ڇو رڳڙي رهيا آهيو؟ ٻار چيو: سياهي پڪي آهي، ان کي لاهي رهيو آهيان. ان شخص پڇيو: ڇا رَسّي سان سياهي لهي ويندي آهي؟ ٻار ذهين هو، هڪدم

---

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:186۔

2...مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

جواب ڏنائين: جي ها! لِهي ويندي آهي، ڇا اوهان ناهي ڏٺو، رَسّي سان ڏول ٻڌي کوھ ۾ لٽڪائيندا آهيون، پوءِ ڇڪيندا آهيون ، کوھ جي پٽ جو مٿيو حصو پٿر جو هوندو آهي، ان جي باوُجود رَسّي ڇڪڻ سان ان تي نشان ٿي ويندا آهن (يعني رَسّي پٿر ۾ نشان ڪري سگهي ٿي ته ڦرهي تان سياهي ڇو نٿي لاهي سگهي). ان ماڻهوَ چيو: پُٽ! پٿر ۾ نشان ته هڪ عرصو لنگھڻ کان پوءِ ٿيندو آهي. ٻار چيو: جي نه! رَسّي ڇڪڻ سان نشان ٿيندو آهي، جيڪڏهن رَسّي نه ڇڪي وڃي، پوءِ ڇاهي صديون گذري وڃن، کوھ جي منڊير ۾ نشان نه ٿيندا. ان سان گڏ ٻار نصيحت ڪندي چيو: اي ڇڱا انسان! مون اوهان کي اِشَارو ڏنو آهي، جيڪڏهن اوهان هن ۾ غور ڪيو ها ته اوهان جي دِل جي سياهي به مٽجي وڃي ها. ماڻهو حيرت مان پڇيو: ڇا منهنجي دِل تي به سياهي آهي؟ ٻار چيو: ڇاڇا سائين! سياهي ڪهڙي رنگ جي هوندي آهي؟ چيائين: ڪاري رنگ جي. ٻار چيو: ته گُنَاهن کان وڌيڪ ڪاري ڪهڙي شيءِ آهي؟ هي ٻڌندي هو ماڻهو دانهون ڪندي شرمسار ٿي روئڻ لڳو. ٻار چيو: ڇاڇا سائين! هاڻي اوهان کي دِل صاف ڪرڻ جي دَوا ملي وئي آهي. ان شخص وري حيراني وچان پڇيو: اها دوا ڪهڙي آهي؟ ٻار چيو: شرمساري جا لڙڪ...!! هي گُنَاهن کي ڌوئي دِل صاف ڪندا آهن ۽ هن جو دليل هي آهي ته الله پاڪ جي حبيب، دِلين جي طبيب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون: بيشڪ لڙڪ قيامت جي ڏينهن باھ جي سمنڊن کي وسائي ڇڏيندا. [1]

دِل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا
مغلوب شہا! نفسِ بدکار نہیں ہوتا

گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی
پاکیزہ گناہوں سے کردار نہیں ہوتا

یہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے
دِل آہ! مگر اب بھی بیدار نہیں ہوتا

افسوس! ندامت بھی عِصیاں پہ نہیں ہوتی
نیکی کی طرف مائِل عطّاؔر نہیں ہوتا (2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] ...بستان الواعظين، صفحہ:100بتغير۔

[2] ...وسائل بخشش، صفحہ:163-165 ملتقطاً۔

## دِل نيڪ آهي ته سڀ نيڪ آهي

اي عاشقانِ رسول! اسان جي دِل سڀ کان قيمتي ٽڪرو آهي، هن کي گُناهن کان پاڪ ڪرڻ دِين کي گهربل آهي، اهو ئي اِصلاح جو راز آهي، هن سان ماڻهو سنورجي ٿو انهي سان ڪم نهن ٿا. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عربي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلَآ وَ اِنَّ فِي الجَسَدِ مُضْغَةً: اِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الجَسَدُ كُلُّهُ، وَاِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الجَسَدُ كُلُّهُ، اَلَآ وَهِيَ القَلْبُ ٻڌو! بيشڪ جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪر آهي، جيڪڏهن اهو نيڪ ٿي وڃي، تمام جسم نيڪ ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن اهو ٽڪر بگڙجي وڃي ته سڄو جسم بگڙجي ويندو آهي، ٻُڌو! اهو ٽڪڙو دِل آهي.[1]

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ عالم سڳورا فرمائن ٿا: انسان جا تمام ڪم ان جي دِل سان وابسته آهن، جيڪڏهن دِل پاڪ صاف هجي، ان ۾ الله پاڪ جي محبّت هجي، الله پاڪ جي محبوب ٻانهن جي محبت هجي، دِل ۾ الله پاڪ جو ۽ ان جي نافرماني جو خوف هجي ته انسان جا تمام ڪم دُرُست ٿي ويندا آهن، ماڻهو گُنَاهن کان بچڻ لڳندو آهي. بلڪ گُنَاهه ۾ پوڻ جي خوف سان شُبهات کان پڻ بچڻ لڳي ٿو ۽ جيڪڏهن دِل بگڙجي وڃي، دِل نفساني خواهشن جو پيروڪار ٿي وڃي، ان ۾ خوفِ خُدا نه رهي ته ٻانهي جا سيئي ڪم بگڙجي ويندا آهن ۽ ماڻهو نفساني خواهشن ۾ وڪوڙجي گُنَاهن ۾ جڪڙجي ويندو آهي، ان ڪري چوندا آهن: دِل تمام جسم جو بادشاهه آهي ۽ تمام عضوا ان جو لشڪر آهن، جيڪڏهن بادشاهه نيڪ هجي ته لشڪر به نيڪ ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن بادشاهه بگڙجي وڃي ته پُورو لشڪر بگڙجي ويندو آهي.[2]

دِل ہی ڈبوئے، دِل ہی ترائے | دِل سا دوست نہ دِل سا دُشمن

---

[1]…بخاری، کتاب الایمان، باب فضل من استبرا، صفحہ:84-85، حدیث:52۔

[2]…جامع العلوم والحکم، صفحہ:83-84بتغیر ۔

## پاڪيزه دِل جون برڪتون

صحابيءِ رسول حضرت اَنَس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي، اللّٰه پاڪ جي پياري ۽ آخري رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ شخص کي فرمايو: دَعْ مَا يَرِيْبُکَ اِلٰي مَا لَايَرِيْبُکَ جيڪو تنهنجي دِل ۾ کُٽڪي، ان کي ڇڏي ڏيو! ايستائين جو ڪا کُٽڪو باقي نه رهي. ان شخص عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ! مان دِل جي کُٽڪي کي ڪيئن ڄاڻي سگهان ٿو؟ فرمايائون: جڏهن توهان ڪجهه ڪرڻ لڳو ته پنهنجي سيني تي هٿ رکي ڏسو! بيشڪ دِل حرام تي لرزندي آهي، ڌڙڪن تيز ٿيندي آهي ۽ حلال ڪم تي دِل پُرسڪون هوندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! اللّٰه پاڪ اسان جي دِل ۾ هي خاصِيت رکي آهي ته بُرو ڪم ڪرڻ لڳون ته دِل جي دڙڪن تيز ٿي ويندي آهي، شايد اسان مان ڪافي سارن کي اندازو هوندو ته جڏهن ماڻهو پهريون ڀيرو ڪو بُرو ڪم ڪري ٿو ته دِل ۾ گهبراهٽ ٿيڻ لڳندي آهي، مثلاً چور جڏهن پهريون ڀيرو چوري ڪندو آهي يا شرابي جڏهن پهرين دفعي شراب پيئندو آهي، وياج خور جڏهن پهرين ڀيرو وياج وٺندو يا ڏيندو آهي ته دِل گهبرائيندي آهي، ڌڙڪن تيز ٿيندي آهي، جيڪڏهن ان وقت ماڻهو دِل جي ٻُڌي وٺي، ضمير مان اٿڻ واري آواز کي مڃي ۽ گُناهه کان رُڪجي وڃي ته دِل جي هي ڪيفيت باقي رهندي آهي ۽ جيڪڏهن ماڻهو ان وقت دِل جي فِڪر نه ڪري بلڪ بُرائي ڪري ته آهسته آهسته هو ان بُرائي جو عادِي ٿي ويندو آهي، ايئن دِل تي ڪاراڻ اچي ويندي آهي ۽ دِل جي ڪيفيت تبديل ٿي ويندي آهي. هن مان خبر پئي ته اسان جي دِل بُري ڀلي جي تميز رکي ٿي پر جڏهن ان تي گُناهن جي ڪاراڻ وڌي وڃي، دِل بلڪل گُناهن کان ناپاڪ ٿي وڃي، تڏهن هي چڱائي بُرائي جي تميز ناهي ڪري سگهندي.

---

[1]...جامع العلوم والحکم ، صفحہ:117۔

دِل کہ تِیمار ہمارا کرتا | آپ بِیمار ہے کیا ہونا ہے
تیرے بِیمار کو میرے عیسیٰ | غش لگاتار ہے کیا ہونا ہے[1]

**وضاحت:** دِل اسان جي تيمارداري ڪيئن ڪري هوءَ ته پاڻ بيمار آهي، اي منهنجي خبر وٺڻ وارا! منهنجي دل جي خبر وٺ جو ان کي مسلسل دورا پئجي رهيا آهن، اوهان کان سواءِ منهنجو ڪو سارسنڀار لهڻ وارو ناهي.

## نيڪي ۽ گُناه جي انوکي سڃاڻپ

هڪ صحابيءِ رسول آهن: حضرت وابصہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ. وڏا پرهيزگار ۽ خوفِ خُدا وارا هئا، سبب اَڪثر خوفِ خُدا روئيندا رهندا هئا. فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون سوچيو ته رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان نيڪي ۽ گُنَاهه بابت سوال ڪيان، لهٰذا دِل ۾ هي ارادو ڪٽي بارگاهه رسالت ۾ حاضِر ٿيس. سرڪارِ عالي، وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ڏسي فرمايو: اُدْنُ يَا وَابِصَةُ! اي وابصہ ويجهو اچ! مان قريب ٿيس، ايستائين جو منهنجا گوڏا سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ گوڏن سان ملي ويا. هاڻي غيبن جي خبر رکڻ وارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: وابِصَہ! مان ٻڌايان توهان ڇا پڇڻ آيا آهيو؟

سُبحٰنَ الله! هن کي چئبو آهي: غيب جو عِلم! ڪنهن عاشِقِ رسول ڇا ته خوب چيو آهي:

اے کہ ذاتِ پاکِ تُو صُبحِ ظُہور | چَشمِ تُو بِینَندَہ مَا فِی الصُّدُور

**وضاحت:** يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان جي ذات روشن صبح جيان آهي، اوهان جون مبارڪ اکيون دلين جا حال ڏسي وٺن ٿيون.

خير! حضرت وابِصَہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: مون عَرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! اوهان هي فرمايو! مان ڇا پڇڻ آيو آهيان؟ فرمايائون: وابِصَہ!

---

[1]...حدائق بخشش، صفحہ:166-167 ملتقطاً۔

توهان نيڪي ۽ گُنَاهه بابت پڇڻ آيا آهيو. هي فرمائي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجون ٽي مبارڪ آڱريون پاڻ ۾ ملايون ۽ منهنجي سيني تي رکيون ۽ فرمايائون: پنهنجي دِل کان پڇندا ڪيو! نيڪي اها آهي جنهن تي توهان جي دِل مطمئن هجي ۽ گُنَاهه اهو آهي جيڪو توهان جي دِل ۾ ڳُتڪي ۽ دِل ۾ ٻُڌتر (شڪ) ٿئي.[1]

هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ عالم سڳورا فرمائن ٿا: وڏن رُتبن وارن ولي سڳورن جون دِليون پاڪ صاف هونديون هيون، دِل ۾ الله پاڪ جي معرفت جو نُور چمڪي رهيو هوندو هو، نيڪي ۽ گُنَاهه جو هي معيار اُنهن سان خاص آهي.[2]

جڏهن ته اسان جهڙا عام ماڻهو جن جون دِليون گُنَاهن جي گندگي سان ميريون ٿي چڪيون آهن، انهن جي لاءِ اهو ئي حڪم آهي ته هو عالم سڳورن کان پڇن، عاشقانِ رسول مفتيانِ ڪرام جي خِدمت ۾ حاضِر ٿين، هو جيڪو ارشاد فرمائن، قرآن و سُنّت جي روشني ۾ جيڪو فيصلو ڏين، ان تي عَمَل ڪن. مشهور مُفَسّرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمديار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور، پُرنُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت وابصه رَضِيَ اللهُ عَنْه جي سيني تي هٿ رکي ڪين دِل کي فيض ڏنو، جنهن سان انهن جو نفسِ مُطمَئِن ۽ دِل وسوسن کان پاڪ صاف ٿي وئي، چوته هاڻي هي دِل پاڪ صاف هئي، ان ڪري فرمايائون: اي وابصه! اڄ کان گُنَاهه ۽ نيڪي جي سڃاڻپ هي آهي ته جنهن تي توهان جي دِل ڄمي اها نيڪي هوندي ۽ جنهن کي توهان جي دِل قبول نه ڪري، اهو گُنَاهه هوندو. هي حُضُور، پُرنُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هٿ مبارڪ جو اَثر آهي نه ته اسان جهڙن ماڻهن لاءِ هي حڪم نه آهي.[3]

دِل کرو ٹھنڈا مرا، وہ کفِ پا چاند سا | سینے پہ رکھ دو ذرا تم پہ کروڑوں درود

---

[1] …مسند ابی یعلیٰ، جلد:2، صفحہ:105، حدیث:1584۔

[2] …لمعات التنقيح فى شرح مشكوة المصابيح، جلد:5، صفحہ:505 خلاصۃً۔

[3] …مرآۃ المناجیح، صفحہ:257-258 بتغیر قلیل ۔

**وضاحت**: اي منهنجا پيارا آقا ومولا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي چنڊ جهڙن پيرن جي ترين کي منهنجي سيني تي رکي منهنجي دل کي ٺَٺو فرمايو اوهان تي ڪروڙين درود وسلام هجي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو ڪريو! پاڪيزه دِل ڪيتري عظيم نعمت آهي، بلند رُتبي وارا ولي سڳورا جن جون دِليون صاف هونديون آهن، انهن تي گُناهن جي سياهي ناهي هوندي، معرفتِ الٰهي جو نُور ڪين دِلين ۾ جڳمڳائي رهيو هوندو آهي، انهن جي دِل کي نيڪي ۽ گُناه جي جانچ ڏني وئي آهي، خُدانخواسته جيڪڏهن اتفاقاً ڪڏهن ڪو معاملو ٿي به وڃي ته ان پاڪيزه دل وارن کي هڪدم ڪٽڪو ٿيندو آهي ۽ هُو گُناهن کان بچي ويندا آهن، ياد رهي! اولياءِ ڪرام الله پاڪ جي عطا سان گُناهن کان محفوظ هوندا آهن.

## آڱر جي رڳ بي قرار ٿي ويندي هئي

شيخ ابو علي دَقّاق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت حارِث مُحاسبي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪڏهن لاعلمي ۾ شبهي (شڪ) واري کاڌي ڏانهن هٿ وڌائيندا هئا ته سندن آڱر جي رَڳ بي قرار ٿي ويندي هئي، ايئن ڪين معلوم ٿي ويندو هو ته هي کاڌو (100 فيصد) حلال نه آهي، هن ۾ ڪجهه شُبهو آهي. هڪ ڀيري پاڻ ڪٿان کان گذري رهيا هئا، هڪ عقيدت مند ماڻي جي دعوت ڏني، پاڻ ان جي دِلجوئي جي لاءِ ان جي گهر ويا، پاڻ ڀهريون گره وات ۾ رکيو، پوءِ ان کي وات ۾ ڦيرائيندا رهيا، نگرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا پر نگري نه سگهيا، آخر پاڻ اهو گره وات مان ڪڍي ڇڏيو. بعد ۾ معلوم ٿيو: ان کاڌي ۾ شُبهو هو.[1]

اهڙي طرح ڪوڙ سارا ولي سڳورا آهن، جن کي حرام ۽ مشڪوڪ کاڌي جي خبر پئجي ويندي هئي.

سُبۡحٰنَ الله! هي آهن پاڪيزه دِل ماڻهو...!! دِل جي پاڪيزگي جي عَلامتن مان

[1]...فيضان سُنت، پيٽ کا قفل مدينه، صفحه:827-828۔

آهي تہ ٻانهو جي دل نيڪين ۾ لڳڻ لڳندي آهي، گُناهن کان نفرت ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن اسان بہ پنهنجي دِل پاڪ ڪريون، گُناهہ ڇڏيون، پڪي سچي توبہ ڪريون، نيڪيون ڪريون، نيڪن جي صحبت اِختيار ڪريون، ڪثرت سان تلاوتِ قرآن ڪري، ذِڪرُ الله جي ذريعي، موت کي ياد ڪري پنهنجي دِل پاڪ صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ اَولياءِ ڪرام جهڙيون ڪرامتون توڙي جو نصيب نہ ٿين، گُناهن کان نفرت تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مِلي ئي ويندي، نيڪين ۾ دِل بہ لڳڻ لڳندي، نمازن ۾، عبادتن ۾ لطف ايندو، ايئن الله پاڪ چاهيو تہ دِل جي پاڪيزگي جي برڪت سان گُناهن ۽ بُرائين کان بچي ويندا. اللّٰه پاڪ اَولياءِ ڪرام جي صَدقي اسان کي بہ دِل جي پاڪيزگي جو فِڪر عطا فرمائي.

دِل کا اُجڑا چمن ہو پھر آباد | کوئی ایسی ہَوا چَلا یارَبّ!
نفس و شیطان ہو گئے غالِب | ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یارَبّ!
نِیم جاں کر دیا گناہوں نے | مرضِ عصیاں سے دے شفا یارَبّ!
واسطہ میرے پیر و مرشد کا | مجھ کو تُو متقی بنا یارَبّ! (1)

## دِل ئي انسان جي اَصل طاقت آهي

ياد رکو! اَصل زِندگي اها ئي آهي تہ انسان جي دِل زنده هجي، جيڪڏهن دِل زِنده نہ هجي، گُناهن جي سياهي ۾ قاتل هجي تہ زِندگي زِندگي نہ، بلڪ وبال بڻجي ويندي آهي.

زِندگی زِندہ دِلی کا نام ہے | مردہ دِل کیا خاک جیا کرتے ہیں

روايتن ۾ اچي ٿو، جڏهن رَبّ ڪائنات پنهنجي دَستِ قُدرت سان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو جَسدِ خاڪي (يعني مٽي سان جسم مبارڪ) ٺاهيو، اجا ان ۾ رُوح نہ وڌو هو، هڪ عرصي تائين اهو جسم مبارڪ ساڳي حالت ۾ رهيو، ملائڪن اهڙي صُورت ڪڏهن نہ ڏٺي هئي، ملائڪ تعجب وچان جسمِ خاڪي

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:79-81 ملتقطاً۔

جي آس پاس ويندا هئا، ان کي ڏسندا هئا ۽ ان جي خوبصورتي سبب حيران ٿيندا هئا. اِبليس (يعني شيطان) جيڪو ان وقت ملائڪن سان گڏ رهندو هو، هو بہ هڪ ڏينهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي خاڪي جسم کي ڏسڻ آيو ۽ ان جي چوڌاري چڪر لڳائي چيائين: اي ملائڪو! (هي آهي اهو جن کي الله پاڪ زمين تي پنهنجو خليفو بڻايو آهي)، توهان هن سان تعجب ڪريو ٿا؟ هي تہ اندر کان هڪ خالي جسم آهي، هن ۾ جڳهہ جڳهہ سوراخ آهن، هن خالي جسم سان ڪجهہ نہ ٿي سگهندو، پوءِ (مزيد ڏسڻ کان بعد) چيائين: ها! هن جي سيني جي کاٻي (*Left*) پاسي هڪ بند ڪوٺڙي آهي، هي خبر نہ آهي تہ هن ۾ ڇا آهي؟ شايد اهو ئي ان رَبَّاني لطيفي جي جڳهہ هجي جنهن جي ڪري هي خلافت جو حق دار ٿيو آهي.[1]

## دُنياوي ترقي ڪي دوام ڪڏهن ملي ٿو؟

اي عاشقانِ رسول! هي واقعي حقيقت آهي، اسان جي سڄي طاقت اسان جي دِل ئي آهي، انسان وٽ مال هجي يا نہ هجي، اعليٰ لباس، قيمتي گاڏي، بينڪ بيلنس، گهر بنگلو، ڪجهہ بہ نہ هجي، دِل صاف هجي، دِل ۾ نورِ ايمان هجي، عبادت جو نُور موجود هجي تہ اهو شخص ڪامياب آهي ۽ جيڪڏهن ماڻهو وٽ سڀ ڪجهہ هجي، دُنيا جي هر نعمت موجود هجي، دُنياوي لحاظ کان چاهي هو ڪيترو ئي ترقي يافتہ هجي، جيڪڏهن ان جي دِل ڪاري آهي تہ ڪامياب ٿيڻ تہ رهيو پري، بعض دفعا انسان چورائڻ جو بہ حق دار نٿو رهي. ڏسو! فِرعَون دُنياوي لحاظ کان ڪيترو ترقي يافتہ ۽ ڪامياب هو، ان وٽ مال ۽ دولت بہ هئي، تاج و تخت بہ هو، حڪومت بہ هئي، هزارن جو لشڪر بہ موجود هو، سڀ ڪجهہ موجود هو پر ان وٽ پاڪيزه دِل نہ هئي، ان جي دِل ۾ ايمان جو، معرفتِ اِلٰهي جو نُور نہ هو، ان جي دِل ڪفر جي اونداهين ۾ غرق هئي، ڏسو! نتيجو ڇا نڪتو...!! فِرعَون پنهنجي لشڪر سميت دريا ۾ غرق ٿي ويو، ان جو ڪفر،

[1]...تفسير نعيمى ، پاره :1، سورۀ البقرة، تحت الآية:30، جلد:1، صفحہ:267 بتغير قليل ـ

ان جي دلي ڪارڻ، ان جي دِل تي ڇانيل غرور ۽ تڪبر جي اونداهي ان کي غرق ڪري ڇڏيو ۽ هي قيامت تائين جي لاءِ نشانِ عبرت بڻجي رهي ويو.

ٻي پاس مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي خِلافت آهي، پاڻ ڪم و بيش 22 لک چورس ميل جا اڪيلا خليفا هئا، ايتري وڏي سلطنت جو خليفو هئڻ ڪيتري وڏي ڪاميابي آهي، ان سان گڏوگڏ اوهان جي دِل بہ صاف هئي، دِل ۾ ايمان جو نُور بہ موجود هو، سندن دِل ۾ تڪبر نہ هو، عاجزي هئي، جهالت نہ هئي، عِلم هو، ڪفر نہ هو، ايمان هو، ناشڪري نہ بلڪ عبادتن جو نُور هو، هاڻي هتي ڏسو! نتيجو ڇا نڪتو...!! الله پاڪ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ڪاميابين کي دوام عطا فرمايو، پنهنجا تہ پنهنجا آهن ڪافِر بہ اڄ تائين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي واکاڻ ڪن ٿا، سندن سيرت مان، ڪين اندازِ خِلافت مان سبق سکن ٿا.

معلوم ٿيو: دُنياوِي ترقي بہ حقيقتاً انهيءَ وقت ترقي بڻجي سگهي ٿي، جڏهن دِل پاڪ هجي، دِل صاف هجي، دِل ۾ نُور هجي، جيڪڏهن دِل گندي هجي، دِل تي گُنَاهن جي مير چڙهيل هجي تہ دُنياوي ترقي توڙي جو ملي سگهي ٿي پر ان کي دوام (يعني هميشگي) ناهي ملندي، گندي دِل وارن جي ترقي ڪجهہ ڏينهن جي هوندي آهي، پوءِ تَنَزُّلي شروع ٿي ويندي آهي.

مڪي جا ڪافر پنهنجي طَور تي عزّت دار هئا، انهن وٽ مال هو، دولت هئي، ماڻهن ۾ قَدر جي نگاهہ سان ڏٺا ويندا هئا، طاقت بہ هئي، ظاهري حُسن بہ ڪوڙ سارن کي مِليل هو، پر هي ڪافِر هئا، دِل جا انڌا هئا، الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ بِهَا٘<br>(پاره:9،سورة اعراف:179) | ترجَمو ڪنزُ العرفان: انهن جون اهڙيون دليون آهن جن جي ذريعي اهي سمجهن نہ ٿا |

الله پاڪ مُردَہ دِل وارن جي باري ۾ وڏيڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اُولٰٓىٕكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّؕ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿۱۷۹﴾ (پاره:9،سورة اعراف:179) | ترجَموڪنزُالعرفان: هي ماڻهو جانورن وانگرن آهن بلڪ انهن کان به وڏيڪ ڀٽڪيل، اهي ئي ماڻهو غفلت ۾ پيل آهن. |

الله اڪبر! معلوم ٿيو: جنهن جي دِل ايتري ڪاري ٿي وڃي ته ان ۾ ايمان جو نُور به باقي نه رهي، ڪفر ئي ڪفر ڀرجي وڃي، اهڙي ڪاري دِل وارو انسان سڏائڻ جو به حق دار نه آهي بلڪ هو جانورن کان به بدتَر آهي.

## قومن جي پُراڻي مرض جو عِلاج

ڪنهن شاعِر چيو آهي:

دِلِ مردہ دِل نہیں، اسے زِندہ کر دوبارہ | یہی اُمّتوں کے مرضِ کُہن کا چارہ

**وضاحت:** جڏهن دِل مرده ٿي ويندي آهي، دِلين تي گُنَاهن جو زنگ لڳي ويندو آهي، ڪفر جون اونداهيون ڇانئجي وينديون آهن ته قومون تباهه و برباد ٿي وينديون آهن، لهٰذا قومن کي تباهي کان بچائڻ جو اهو ئي طريقو آهي ته انهن جي دِلين جي اِصلاح ڪئي وڃي، سياه دِلين مان زنگ لاهي انهن کي صاف اُجرو چمڪدار بڻايو وڃي.

## مُردَهه دِل وارن جيان نه ٿيو...!!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ لَا يَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلُ فَطَالَ عَلَيْهِمُ الْاَمَدُ فَقَسَتْ قُلُوْبُهُمْؕ (پاره:27،سورة حديد:16) | ترجَموڪنزُالعرفان: ۽ مسلمان انهن جهڙا نه ٿين جن کي پهريان ڪتاب ڏنو ويو پوءِ انهن تي مدت ڊگهي ٿي وئي پوءِ انهن جون دليون سخت ٿي ويون. |

هن آيت سڳوري ۾ الله پاڪ اڳوڻين قومن جو ذِڪر فرمايو آهي ته اهي ماڻهو جن کي پهريان ڪتاب ڏنا ويا، اهي ڏگهين اُمّيدن ۾ پئجي ويا، جنهن جي ڪري انهن جون دِليون سخت ٿي ويون، پوءِ اي مسلمانو! اي محبوبِ ذي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا سچا غُلامو! توهان هرگز اُنهن اَهلِ ڪتاب جهڙا نه ٿي وڃو! بلڪ ڏگهين اُمّيدن کان به بچو! ۽ پنهنجي دِل جي به خوب حفاظت ڪريو...!!

## سڀ کان وڏي سزا

تِرمذي شريف جي حديثِ پاڪ آهي، الله پاڪ جي حبيب، دِلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اِنَّ اَبْعَدَ النَّاسِ عَنِ اللهِ الْقَلْبُ الْقَاسِي يعني سخت دِل وارو سڀ کان وڌيڪ الله پاڪ کان پري آهي.[1] حضرت مالِڪ بن دِينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٻانهن کي جيڪي سزائون ڏنيون وينديون آهن انهن ۾ سڀ کان وڏي سزا هي آهي ته ٻانهي جي دِل سخت ڪئي ويندي آهي.[2]

قلب سختی میں حد سے بڑھا ہے | بندہ طالب ترے خوف کا ہے
التجائے غمِ مصطفےٰ ہے | یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
حُبِّ دُنیا میں دل پھنس گیا ہے | نفسِ بدکار حاوِی ہوا ہے
ہائے شیطاں بھی پیچھے پڑا ہے | یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے[3]

## الله پاڪ دِل ڏسي ٿو

هڪ حديث شريف ۾ آهي: اِنَّ اللهَ لَا يَنْظُرُ اِلٰي اَجْسَادِكُمْ، وَلَا اِلٰى صُوَرِكُمْ، وَلَكِنْ يَنْظُرُ اِلٰى قُلُوبِكُمْ يعني بيشڪ الله پاڪ توهان جي جسمن ۽ صُورتن کي ناهي ڏسندو،

---

[1]...ترمذی، کتاب الزہد، صفحہ:573، حدیث:2411۔

[2]...ذم قسوۃ القلوب، صفحہ:260۔

[3]...وسائل بخشش، صفحہ:134 ملتقطاً۔

بلڪ الله پاڪ تہ توهان جي دِل ڏسندو آهي.[1]

امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو: دِل رَبُّ الْعَالَمِيْن جي نظر جو مقام آهي، تعجب آهي ان شخص تي جيڪو ظاهر کي سنوارڻ جو اهتمام ڪري، پنهنجو ظاهر ڌوئي، مُرَمتي کان سترو ڪري تہ جيئن ماڻهو ان جي ڪنهن ظاهري عيب کي نہ ڏسي سگهن پر دِل جي صفائي جو اهتمام نہ ڪري جيڪو رَبُّ الْعَالَمِيْن جي نظر جو مقام آهي...!![2]

## اللّٰه پاڪ جي قُرب جو حق دار ڪير آهي؟

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! غور جو مقام آهي! اسان نند مان اُٿي جيستائين چهرو نہ ڌوئيون، گهر مان نڪرڻ پسند نٿا ڪيون، ڪپڙا ميلا هجن تہ ماڻهو جي سامهون ويندي اسان کي جهجڪ مَحسُوس ٿيندي آهي، اڄ اسان جي معاشري جا ڪيئي نوجوان هزارين روپيا صِرف وارن جي اسٽائل ٺاهڻ تي لڳائن ٿا ۽ چهري تي خبر ناهي ڇا ڇا ڪرائيندا آهن، ان فيشنز (*Fashions*) تي روپيا بہ خرچ ٿين ٿا، وقت بہ لڳي ٿو پر ماڻهو هي سڀ ڪن ٿا، ڇو؟ ان ڪري جو مان سنو نظر اچان ۽ مون کي ڏسي ماڻهو منهنجي واکاڻ ڪن.

پر افسوس! دِل ميري آهي، دِل تي گُنَاهن جي ڪاراڻ وڌي وئي آهي، دِل ۾ بُرا خيالات آهن، بدگمانيون، تڪبر، غرور آهي، دِل ۾ حَسَد جي باهہ ٻري رهي آهي، اسان کي ان بابت بلڪل بہ ڳڻتي ناهي، جڏهن تہ دِل رَبّ ڪريم جي نظر جو مقام آهي.سُلطان العارفين، شيخ سلطان باهو رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڇا تہ خُوب فرمايو آهي: جيڪڏهن وهنجڻ ڌوئڻ سان رَبّ ڪريم ملي ها تہ مڇيون سڀ کان وڌيڪ رَبّ ڪريم جو قُرب ماڻين ها، جيڪڏهن رَبّ ڪريم ڇگا وار رکڻ جي ڪري ملي ها تہ رِڍ ٻڪرين جا وار وڌيڪ هوندا آهن، اهي رَبّ ڪريم جون گهڻيون مقرب هجن ها پر حقيقت هي آهي جو رَبّ ڪريم اُن کي ملي ٿو جن جي نِيت

---

[1] ...مسلم، ڪتاب البر والصلة، باب تحريم ظلم المسلم، صفحه:995، حديث:2564۔

[2] ...منهاج العابدين، صفحه:149 بتغير۔

سچّي ۾ دِل پاڪ هوندي آهي. شيخُ الاِسلام حضرت بابا فريد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: الله پاڪ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ حِجَاب (يعني رُڪاوٽ يا پردو) صِرف دِل جي گندگي جو آهي، جيڪڏهن هي حِجَاب ڪجي وڃي (يعني دِل پاڪ ٿي وڃي) ته ٻانهي کي الله پاڪ جو قُرب نصيب ٿي ويندو آهي.[1]

پاک ہووَیں تے پاک ملے، بِنْ پاکوں پاک نئیں مِلدا
سارے جُسم دے دَھوونْ نالوں تُوں دَھولے ٹکڑا دِل دا

**وضاحت:** الله پاڪ آهي، پاڪ ماڻهن کي ئي پنهنجي قُرب سان نوازيندو آهي، ظاهري پاڪيزگي جي نسبت دِل جي پاڪيزگي تي گهڻو ڌيان ڏيو! ته جيئن توهان کي الله پاڪ جو قُرب حاصِل ٿي وڃي.

## دِل سڀ کان قيمتي تجوري آهي

حُجَّةُ الۡاِسۡلَام، امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: دِل سڀ کان قيمتي تجوري آهي، سڀ کان قيمتي جواهرات دِل ئي ۾ هوندا آهن، مثلاً الله پاڪ جي معرفت جيڪا ٻنهي جهانن جي سعادت جو ذريعو آهي، هي دِل ۾ هوندي آهي ۞ بصيرت (مثلاً حڪمت ۽ دانائي) جنهن جي ذريعي انسان کي عزّت و بزرگي ملندي آهي، هي به دِل ئي ۾ هوندي آهي ۞ اِخلاص: جنهن جي ذريعي عبادتون قبول ٿينديون آهن، هي پڻ دِل ۾ هوندي آهي ۞ سمورا چڱا اَخلاق جن جي ڪري انسان کي فضيلت ملندي آهي، هي پڻ دِل ۾ هوندي آهي ۞هر طرح جو عِلم، حڪمت: جنهن جي ذريعي انسان ترقي ڪري ٿو، دُنيا و آخرت ۾ بلند مقام حاصِل ڪري ٿو، هي به دِل ئي ۾ هوندي آهي. معلوم ٿيو: دِل سڀ کان قيمتي تجوري آهي، لهٰذا ضروري آهي ته ان جي ڀرپُور حفاظت ڪئي وڃي، ان کي گُناهن جي زنگ ۽ نفس و شيطان جهڙن چورن ڌاڙيلن کان بچايو وڃي

[1]...هشت بهشت، اسرا رالاولياء، صفحه:30 بتغير قليل۔

تہ جيئن اسان جو ايترو قيمتي خزانو محفوظ رهي سگهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! دِل ئي اَصل سرمايو آهي، اهو ئي اَصل زِندگي آهي، دِل ئي الله پاڪ جي نظر جو مقام آهي، دِل جي پاڪيزگي ڪاميابي جو ذريعو آهي، هن جي بدولت ئي الله پاڪ جي معرفت نصيب ٿيندي آهي، اسان کي گهرجي تہ اسان دِل جي صَفَائي سٿرائي تي ڀرپُور تَوَجُّهہ ڏيون، دِل کي گُنَاهن جي مَيل ڪچيل کان بچايون، باطني گُنَاهن کان دِل پاڪ ڪريون، بغض ۽ ڪيني، بدگماني، دُنيا جي محبت، مال جي محبت، غرور، تڪبر، حَسَد وغيره غلاظتن کان دِل کي محفوظ رکون. الله پاڪ اسان کي دِل جي پاڪيزگي نصيب فرمائي.

آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دِل جون 4 بيماريون ۽ انهن جو علاج

پيارا اسلامي ڀائرو! دِل جون بيماريون بيشُمار آهن ۽ انهن جا علاج بہ گهڻا آهن، امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه منهاج العابدين ۾ انهن جو خُلاصو بيان ڪيو آهي، پاڻ فرمائن ٿا: دِل جي سختي جا 4 بنيادي سبب آهن، جيڪڏهن ماڻهو انهن کان بچي وڃي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! ان جي دِل صاف ٿي ويندي آهي.

## (1):دِل جي سختي جو پهريون سبب: ڊگهي اُمّيد

دِل جي سختي جو پهريون سبب آهي: ڊگهي اُمّيد ؛ يعني وڏي عرصي تائين زِنده رهڻ جو يقين. هي دِل جي سختي جو بنيادي سبب آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَطَالَ عَلَيۡهِمُ الۡاَمَدُ فَقَسَتۡ قُلُوۡبُهُمۡ ؕ (پاره:27،سورۃ حديد:16) | ترجَموڪنزُالعرفان: پوءِ انهن تي مدت ڊگهي ٿي وئي پوءِ انهن جون دليون سخت ٿي ويون |

[1] …منهاج العابدين مترجم، صفحہ:145۔

ڏکهي اُمّيد نيڪين جي راهه ۾ رُڪاوٽ ۽ هر بُرائي جي جَڙ آهي، هي اهڙي لاعلاج بيماري آهي جيڪا ٻين ڪيئي بيمارين جو سبب بڻبي آهي ۞ ڏکهي اُمّيد جي سبب ٽال مٽول جي عادَت وڌندي آهي ۞ نيڪ ڪمن ۾ سُستي ايندي آهي ۞ دِل تي غفلت جا پردا اچي ويندا آهن ۞ دُنيا جي محبّت وڌندي آهي ۞حِرص ۾ اِضافو ٿيندو آهي ۽ ماڻهو دُنيا ۾ مشغول ٿي آخرت کي وساري ويهندو آهي، جنهن جي سبب اُن جي دِل سخت ٿي ويندي آهي ۽ گُنَاهن جي ميراڻ چڙهي ويندي آهي.

ان ڪري جيڪو دِل جي اِصلاح چاهي ٿو، ان کي گهرجي پنهنجون اُمّيدون گهٽ ڪري ۽ موت کي هر وقت پنهنجي سامهون رکي.

## هر قَدَم تي موت جو تَصَوُّر

هڪ ڏينهن سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت اُسَامہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي هڪ مهيني جي اُڌر تي سودو خريد ڪندي ڏٺائون تہ فرمايائون: ڇا توهان اُسامہ تي تعجب نٿا ڪريو جو هڪ مهيني جي لاءِ خريداري ڪري رهيا آهن، اللّٰہ جو قسم! جڏهن مان زمين تي قدم رکان ٿو تہ گمان ڪيان ٿو تہ قدم کڻڻ کان پهريان موت اچي ويندو، جڏهن بہ گرهہ وات ۾ وجهندو آهيان تہ گمان ٿيندو آهي تہ ان کي ڳهڻ کان پهريان موت اچي ويندو.(1)

ڪچھ نيڪياں ڪما لے جلد آخرت بنا لے | ڪوئي نہيں بھروسہ اے بھائي زندگي ڪا

## دُنيا 3 ساهن جي آهي

هن دُنيا ۾ اسان کي ڪيترو وقت مِليو آهي؟ هن حوالي سان امام غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ مختلف روايتون گڏ ڪيون، پوءِ فرمايائون: منهنجا پِير صاحب فرمائيندا هئا: دُنيا ٽن پساهن جي آهي، هڪ ساهہ جيڪو توهان ڪٽي چڪا، ان ۾ جيڪو عَمَل ڪرڻو هو، اهو ڪري چڪا، ٻيو ساهہ اهو آهي جيڪو توهان هينئر ڪٽي رهيا

---

1...شعب الايمان، جلد:7، صفحہ:355، حديث:10564۔

آهيو ۽ ٿيون ساهه اهو آهي جيڪو هاڻي ڪٽٽو آهي، ان جي توهان کي ڪا خبر نہ آهي، خبر ناهي اڳيون ساهه ڪٽي سگهندو يا ان کان پهريان موت اچي ويندو. پَس توهان وٽ هڪ ئي ساهه آهي، انهيءَ ۾ جيڪو ڪرڻو آهي، ڪري وٺو![1]

هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌائي ٿو: هڪ ڏينهن مون پنهنجي اکين سان زِندگي جي حقيقت ڏٺي، منهنجو هڪ دوست هو، هو مون سان ملڻ لاءِ منهنجي دفتر آيو، مون چانهه گهرائي، چانهه ٽيبل تي رکيل هئي ۽ هو مون سان گفتگو ڪري رهيو هو، اوچتو خبر ناهي ڇا ٿيو منهنجي سامهون ويٺل هو دوست ڳالهيون ڪندي ڪندي ڪجهه سيڪنڊن ۾ ان جو ساهه نڪري ويو، افسوس! ويچاري کي چانهه پيئڻ بہ نصيب نہ ٿي.

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں | ساماں سو برس کا ہے پَل کی خبر نہیں

## موت کي قريب سمجهو!

اي عاشقانِ رسول! اها ئي زِندگي آهي، خبر ناهي اڳيون ساهه ڪٽي بہ سگهنداسين اَلائي نہ، لهٰذا ڊگهي اُمّيدن کان بچو، موت کي هر وقت پنهنجي قريب سمجهو! هن جي برڪت سان دُنيا جي محبّت گهٽ ٿيندي، حِرص ۽ لالچ ۾ ڪمي ايندي، گُنَاهن کان دِل بيزار ٿيندي، توبہ ۾ جلدي جو ذِهن ٺهندو ۽ هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! دِل جي سياهي ڌوپجي ويندي ۽ دِل اُجري صاف سٿري ٿي ويندي.

مسلمانن جي پياري اَمڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا جي خِدمت ۾ هڪ عورت حاضِر ٿي ۽ دِل جي سختي جي شڪايت ڪئي، حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا فرمايائون: موت کي ياد ڪريو! دِل پاڪ ٿي ويندي. اها عورت موٽي وئي، ڪجهه ڏينهن کان بعد ٻيهر آئي ۽ حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا جو شڪريو ادا ڪندي ٻڌايائين تہ هاڻي دِل جي سختي ۾ اِفاقو آهي.[2]

---

1...منهاج العابدين، صفحہ:159-160بتغير۔

2...موسوعۃ امام ابن ابی الدنیا، باب ما یعین ذکر الموت، جلد:5، صفحہ:442، حدیث:156۔

**ڪاش!** اسان بہ پنهنجو هي ذِهن ٺاهيون، موت کي ياد ڪريون، ٿي سگهي تہ قبرستان حاضِر ٿيون، قبرن کي ڏسي غور و فِڪر ڪريون، هي سوچيون تہ هڪ ڏينهن مون کي بہ مرڻو آهي ۽ قبر جي کڏ ۾ لهڻو آهي، آه! قبر ۾ اونداهي هوندي، مٽي جو بستر، سرن جو وهاڻو هوندو، آه! قيامت تائين اتي رهڻو پوندو. هيئن قبرن جي باري ۾ غور و فِڪر ڪنداسين، موت کي بار بار ياد ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! دِل پاڪ ٿيندي، گُناهن جي سياهي ڌوپجي ويندي.

## (2): حَسَد

دِل جي ڪارڻ جو ٻيو وڏو سبب حَسَد آهي. پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان نعمت کسجي وڃڻ جي تمنّا ڪرڻ کي حَسَد چئبو آهي. هي تمام بُري باطني بيماري آهي، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ حَسَد ڪرڻ واري کان پناه گهرڻ جو حڪم ڏنو آهي، ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ﴿۵﴾ (پاره:30،سورۀ فلق:5) | ترجَموڪنزُالعرفان: ۽ حسد واري جي شر کان جڏهن اهو حسد ڪري. |

اللهُ اڪبر! **پيارا اسلامي ڀائرو!** اندازو ڪريو! حَسَد ڪيترو وڏو فتنو ۽ ڪيترو وڏو شَر آهي جو رَبِّ ڪائنات حَسَد ڪرڻ واري کي شيطان سان ملايو آهي ۽ حڪم ڏنو تہ انهن ٻنهي کان پناه گهرو! [1] حديثِ پاڪ ۾ آهي: حَسَد نيڪين کي ايئن کائي ويندو آهي، جيئن باه سُڪل ڪاٺي کي ساڙي ڇڏيندي آهي. [2]

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حَسَد ٻي ڇيني ۽ ٻي مقصد غم ۽ فِڪر ۾ مبتلا ڪري ٿو، حَسَد جي ڪري انسان ذِلّت ۽ محرومي جي لعنت ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي ۽ حَسَد جي هڪ وڏي تباه ڪاري هي آهي جو حَسَد دِل کي انڌو ڪندو آهي، ايستائين جو الله پاڪ جا اَحڪام ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت ختم ٿي ويندي

---

1 ...منہاج العابدين، صفحہ:163 بتغير قليل ـ

2 ...ابن ماجہ، كتاب الزہد، باب الحسد، صفحہ:683، حديث:4210 ـ

آهي۔[1] الله پاڪ فرمائي ٿو:

بِئْسَمَا اشْتَرَوْا بِهٖۤ اَنْفُسَهُمْ اَنْ یَّكْفُرُوْا بِمَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ بَغْیًا اَنْ یُّنَزِّلَ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ عَلٰى مَنْ یَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ

(پاره:1،سورۂ بقرة:90)

ترجَموڪنزُالعرفان: انهن پنهنجي جانين جو ڪيترو برو سودو ڪيو تہ الله جيڪو نازل فرمايو ان جو انڪار ڪري رهيا آهن ان حسد جي ڪري جو الله پنهنجي فضل سان پنهنجي جنهن ٻانهي تي چاهيندو آهي وحي نازل فرمائيندو آهي.

تفسير صراطُ الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: يهودين جي خواهش هئي ختمِ نبوت جو منصب بني اسرائيل مان ڪنهن کي ملي ها، پر جڏهن انهن ڏٺو تہ هو هن منصب کان محروم رهيا ۽ بني اسماعيل کي هي منصب ملي ويو تہ هو حسد جي ڪري حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ انهن تي نازل ٿيڻ واري الله پاڪ جي ڪتاب قرآنِ ڪريم جا منڪر ٿي ويا. هن مان خبر پئي تہ منصب ۽ مرتبي جي طلب انسان جي دل ۾ حسد پيدا ڪرڻ جو هڪ سبب آهي ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ حسد اهڙو خبيث مرض آهي جيڪو انسان کي ڪفر تائين بہ وٺي وڃي سگهي ٿو.[2] حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ماڻهوءَ جي دل ۾ ايمان ۽ حسد گڏ نٿا ٿي سگهن.[3]

لهٰذا جيڪو شخص پنهنجي دِل جي اِصلاح چاهي ٿو، ان کي گهرجي تہ حَسَد کان بچي، جيڪو ڪجهہ الله پاڪ ان کي عطا فرمايو آهي، ان تي راضي رهي، ٻين کي ملندڙ نعمتن تي نظر نہ رکي، لالچ، مال ۽ دولت جي محبّت کان

---

1 ...منہاج العابدين، صفحہ:164 بتغير قليل ۔

2 ...تفسير صراط الجنان، پاره:1، سورۂ بقره، تحت الآية:90، جلد:1، صفحہ:183۔

3 ...سنن نسائی، کتاب الجهاد، صفحہ:505، حديث:3106۔

بچي، موت کي ياد ڪري.

حسد بابت مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو حسد نالي رسالو خريد ڪري پڙهو، اوهان هن رسالي کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان مُفت ڊاؤن لوڊ (Download) بہ ڪري سگهو ٿا. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! حَسَد جي آفت کان نجات ملندي ۽ دِل پاڪ ٿي ويندي.

## (3): جَلد بازي

دِل جي سختي ۽ هن جي اِصلاح ۾ ناڪامي جو ٽيون وڏو سبب آهي: عُجلَت (جلد بازي) يعني ڪو بہ ڪم بغير سوچي سمجهي، بنا غَور و فِڪر جي ڪرڻ. جلدبازي 2 طرح دِل جي بگاڙ ۽ اِصلاح ۾ ناڪامي جو سبب بڻجي ٿي: (1): هڪ هن طرح جو دِل جي اِصلاح جي لاءِ وقت درڪار آهي؛ جيڪڏهن ڪنهن ڪامِل ولي جي نگاهہ عنايت نصيب ٿي وڃي تڏهن تہ هڪ ئي نگاهہ ۾ دِل پاڪ صاف ٿي ويندي آهي، نہ تہ هن جي لاءِ وڏي محنت ڪرڻي پوندي آهي، نيڪ عملن سان آهستہ آهستہ دِل پاڪ ٿيندي آهي بلڪ دِل گُناهن جي ڪارڻ سان پريل هجي تہ هڪ وڏو وقت نيڪين جي عادَت بنائڻ ۾ لڳي ويندو آهي، پوءِ ڪٿي دِل جي سياهي لهڻ شروع ٿيندي آهي پر جلد باز ماڻهو ايترو صبر ناهي ڪندو، هو بہ چار ڏينهن ڪوشش ڪندو آهي، بظاهر فائدو ناهي ڏسندو تہ همّت هاري ويهندو آهي هيئن ان جي لاءِ دِل جي اِصلاح ڪرڻ انتهائي ڏکيو ٿي ويندو آهي. ان ڪري دِل جي اِصلاح گهرجي تہ ضروري آهي انسان جلد بازي ڇڏي ڏي ۽ دِل جي صَفَائي جي لاءِ نيڪين ۾ لڳل رهي، ڪوشش ڪندو رهي. اسان جي آقا ۽ مولىٰ، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اسان جو هي دين تمام مضبوط آهي لهٰذا نرمي سان ان ۾ اڳتي وڌو چوتہ هاري نہ زمين کي بلڪل صاف ڪندو آهي نہ ئي ان جو مٿي وارو حصو پهرين وانگر ڇڏيندو آهي.[1]

(2): عُجلَت (جلد بازي) دِل جي سخت ٿيڻ جي بي وجهہ هي آهي تہ دِل جي

---

[1]...الزہد لابن المبارک، صفحہ:415، حديث:1178۔

اِصلاح جي لاءِ وَرَع (يعني پرهيزگاري مثلاً گُنَاهن کان بچڻ) نهايت ضروري آهي ۽ پرهيزگاري جي اَصل هي آهي تہ ٻانهو هر ڪم ڏسي، غور و فِڪر سان ڪري، جڏهن ماڻهو صبر و تحمل ۽ غور وفڪر جي بدران جلد بازي کان ڪم وٺندو، غور و فِڪر نہ ڪندو تہ ان جو گُناهن ۾ مبتلا ٿيڻ جو سخت انديشو آهي، مثلاً هو بنا سوچي سمجهي ڳالهائڻ جو عادِي آهي تہ ڪوڙ، غيبت، چغلي وغيره گُنَاهن ۾ پئجي سگهي ٿو، جيڪڏهن بنا سوچي سمجهي کائڻ جو عادِي آهي تہ حرام کائڻ ۾ قاسي سگهي ٿو، ايئن جلد باز جو گُنَاهن کان بچڻ سخت دُشوار آهي ۽ جيڪڏهن گُنَاهن کان نہ بچي سگهيو تہ دِل جي اِصلاح ڪيئن ٿيندي؟ بلڪ گُنَاهن جي مزيد سياهي دِل تي وڌي ويندي آهي.

ان ڪري دِل جي اِصلاح جي لاءِ ضروري آهي تہ انسان جلد بازي کان بچي، بُردباري ۽ تحمل مزاجي اپنائي، هر ڪم غور و فِڪر سان، تحمل مزاجي ۽ بُردباري سان ڪري. هن جو هڪ بهترين طريقو هي بہ آهي تہ هر جائِز ڪم کان پهريان ڪجھ سيڪنڊ رُڪي سنيون سنيون نيتون ڪرڻ جي عادَت ٺاهي وجي، هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! ثواب وڌندو، هر نيڪ ۽ جائِز ڪم ۾ الله پاڪ جي رضا جي نيت شامِل رهندي تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! دِل جلد پاڪ ٿي ويندي.

## (4): تڪبُّر

دِل جي سختي جو چوٿون وڏو سبب آهي: تڪبُّر. پاڻ کي ٻين کان بهتر سمجهڻ جو نالو تڪبُّر آهي. هي تہ انتهائي تباھ و برباد ڪرڻ واري دل جي بيماري آهي، جيڪڏهن خدانخواستہ تڪبّر پختو ٿئي غالِب ٿي وڃي تہ ان کان نجات حاصل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي ويندو آهي بلڪ بعض دفعا تہ تڪبّر جي سبب دِل تي مُهر لڳائي ويندي آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ ﴿۳۵﴾ (پاره:24،سورهٔ مؤمن:35) | ترجَموڪنزُالعرفان: الله هر متڪبر سرڪش جي دل تي انهي طرح مهر لڳائي ڇڏيندو آهي. |

معلوم ٿيو: تکبر دِل تي مُهر لڳڻ جو سبب آهي. ان ڪري ضروري آهي ته پاڻهو تڪبّر ڪان هميشه بچندو رهي، عاجزي جو پيڪر بڻجي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰہِ رَفَعَهُ اللّٰهُ يعني جيڪو اللّٰه پاڪ جي لاءِ عاجزي ڪندو آهي، اللّٰه پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي .[1]

مٹادے اپنی ہستی کو اگر کچھ مرتبہ چاہے | کہ دانہ خاک میں مل کر گلِ گلزار ہوتا ہے

اي عاشقانِ رسول! دِل جي سختي جي هي 4 بنيادي سبب آهن: (1): ڊگهيون اُمّيدون (2): حَسَد (3): جلد بازي (4): ۽ تڪبّر. اسان کي انهن چئني ڪان بچڻو آهي ❁ ڊگهيون اُمّيدون نه رکڻ گهرجن بلڪ موت کي هميشه ياد رکڻو آهي، اهو ئي تَصَوُّر قائم رکو ته بَس موت اچڻ ئي وارو آهي ❁ حَسَد جي باهه ۾ ناهي سڙڻو، جيڪو اللّٰه پاڪ عطا ڪيو، ان تي شڪر گذار رهڻو آهي ۽ هميشه ٻين جو ڀلو ئي چاهڻو آهي، ڪڏهن ڪنهن جو بُرو ناهي سوچڻو ❁ ڪڏهن به جلد بازي کان ڪم ناهي وٺڻو، هر ڪم غور وفِڪر سان، آرام سان، تحمل سان ڪرڻ جي عادَت بنائڻي آهي ❁ ۽ تڪبّر کان ته ضرور به ضرور بچڻو آهي ڇوته شيطان جي هزارين سال جي عِبَادَت انهيءَ تڪبّر جي ڪري ضايع ٿي ۽ هو هميشه جي لاءِ نامراد ٿي رهجي ويو. هي 4 ڪم ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دِل جي اِصلاح ٿيندي، دِل اُجري ۽ صاف ستري ٿي پوندي.

## دِل جي اِصلاح بابت ڪجهه وڌيڪ نسخا

دِل جي سختي جا ڪي مزيد سبب به آهن، مثلاً: حديث ۾ اچي ٿو ته گهڻو ڳالهائڻ ۽ گهڻي کلڻ سان دِل مُردَه ٿي ويندي آهي، تنهنڪري گهڻو ڳالهائڻ کان بچو، گهڻي کلڻ کان به بچو. وڏي اَفسَوس جهڙي ڳالهه آهي ته اسان جا آقا و مولا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: گهڻو نه کلو، ڇوته گهڻو کلڻ دِل کي مُرده (يعني سخت) ڪندو آهي.[2] پر اسان وٽ کلڻ کلائڻ کي فَن (*Art*)

---

[1]...مسند بزار، جلد:3، صفحہ:161، حديث:946۔

[2]...ابن ماجہ، کتاب الزہد، باب الحزن والبکاء، صفحہ:681، حديث:4193۔

سمجهيو ويندو آهي، ڪلي، ڪلائي دادا وٺندا آهن، اڄڪلهه تہ انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جو دَور آهي، ماڻهو ڪلڻ ڪلائڻ واريون ڳالهيون ڪري، اهڙين فُضُول حرڪتن جي ويڊيو بڻائيندا ۽ *Tik Tok* وغيره جي ذريعي وائرل ڪري پاڻ کي وڏو فنڪار سمجهندا آهن. اللّٰه پاڪ اسان کي هدايت نصيب فرمائي. وڏيڪ ڪلڻ، ڪلائڻ سٺي ڳالهہ ناهي.

اهڙي طرح گهڻو کائڻ سان بہ دِل سخت ٿيندي آهي، امام احمد بن حنبل رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سان ڪنهن پڇيو: ڇا ڪو اهڙو آهي جيڪو پيٽ ڀري کائيندو هجي ۽ ان جي دِل بہ نرم هجي؟ فرمايائون: مون ناهي ڏٺو (يعني ايئن نٿو ٿي سگهي تہ ماڻهو پيٽ ڀري کائي، پوءِ بہ ان جي دِل نرم ٿي رهي).[1] ۽ دِل جي سختي جو سڀ کان وڏو سبب گُنَاهن جي ڪثرت آهي، لِهٰذا گُنَاهن کان بہ هر دَم بچندو ٿي رهڻ گهرجي.

عالم سڳورا فرمائن ٿا: دِل جي سختي جو سڀ کان جلد اَثر ڪرڻ وارو علاج هي آهي تہ ماڻهو قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪري. حضرت يحيٰ بن معاذ رازي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: دِل جي سختي جو عِلاج 5 ڳالهين ۾ آهي: **(1)**:غور و فِڪر سان تِلاوت **(2)**: پيٽ کي خالي رکڻ **(3)**:رات جو عِبَادت ڪرڻ **(4)**:سحري جي وقت بارگاهِ اِلٰهي ۾ باڎائڻ **(5)**: ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ.[2]

## دِل جي سختي جا 3 روحاني علاج

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ پنهنجي ڪتاب **مدني پنج سُوره** ۾ لکن ٿا: **(1)**: جيڪو هر نماز کان بعد 100 ڀيرا يَااللّٰهُ پڙهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! ان جو باطِن ڪشَادو ٿيندو **(2)**: جيڪو روزانو فجر نماز کان بعد سيني تي هٿ رکي 70 ڀيري يَافَتَّاحُ پڙهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! ان جي دِل جو زنگ و ميل پري ٿيندو **(3)**: ۽ جيڪو روزانو

---

[1]…ذم قسوة القلوب، صفحہ:262۔

[2]…ذم قسوة القلوب، صفحہ:263۔

ڪنهن بہ وقت ڏينهن ۾ هڪ ڀيري 7 ڀيرا يَافَتَّاحُ پڙهي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي دِل روشن ٿيندي.

## 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ديني ڪم: تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو

اي عاشقانِ رسول! دل جي اصلاح ڪرڻ ۽ گُناهن کان بچڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ذيلي حلقي جي 12 دِيني ڪمن ۾ خُوب اڳتي وڌي حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل جي اصلاح بہ ٿيندي ۽ گُناهن کان بچڻ جو ذهن بہ ٺهجندو. ذيلي حلقي جي 12 دِيني ڪمن مان هڪ دِيني ڪم آهي: تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو.

الحمد للّٰه! عاشقانِ رسول، مبلغينِ دعوتِ اسلامي مسجد ۾ فجر جي نماز کان بعد تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائن ٿا، هن ۾ روزانو 3 آيتون ترجمي ۽ تفسير سان پڙهي ٻڌايون وينديون آهن، روزانو جون 3 آيتون يعني هڪ سال ۾ 1 هزار 95 آيتون، يعني اسان روزانو 15 کان 20 منٽ جي ڪوشش سان تقريباً اڍائي، 3 سال ۾ پُورو قرآنِ مجيد ٻُڌي، سکي ۽ سمجهي سگهون ٿا. اوهان بہ هن ديني ڪم ۾ ضرور حِصو وٺو ۽ دِل کي نُورِ قرآن سان روشن ڪريو! اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14 سال کان ٻاهرين مُلڪ ۾ مُقِيم هو. انهن کي هڪ ڀيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضَرورت پئي. انهن ويزائن جي لاءِ ڪيئي ڀيرا درخواستون جمع ڪرايون پر ڪافي ڪوشِشن جي باوُجود ويزائون نہ ملي سگهيون. مُلازم نہ هئڻ جي ڪري انهن کي نقصان ڪٺڻو پيو. خير هڪ دفعو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ جي مَشوَري تي اُنهن شَجَري شريف مان دُعائيہ شعر کي مسلسل پڙهڻ شروع ڪيو. ان جي برڪت سان انهن جو اهو ڪم حيرت اَنگيز طور تي

ڪجھ ڏينهن ۾ ٿي ويو يعني اُنهن ڪي گهربل تعداد ۾ ويزائون ملي ويون.

مُشکلیں حَل کر شہِ مشکل کُشا کے واسطے | کر بَلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”القرآن الڪريم“ ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دَعوَتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمنٽ طرفان هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي:*Al Quran Al kareem* (القرآن الڪريم). هي ايپلي ڪيشن *Android* ۽ *IOS* ٻنهي ڊيوائسز سان ڊاؤن لوڊ (*Download*) ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپليڪيشن ۾ ❁ مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ❁ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ قرآنِ ڪريم ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي ❁ هن سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي *Bookmark* به ڪري سگهجي ٿو يعني بار بار پڙهڻ واري سورت يا آيت کي *Bookmark* جي بدولت آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ به فائدو کڻو ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَن اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1…مشڪوٰة،ڪتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

## ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جڏهن توهان ڪنهن شخص کي ڏسو تہ ان کي دُنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي وئي آهي تہ ان جي قربت ۽ صحبت اختيار ڪريو ڇوتہ ان کي حڪمت ڏني ويندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! ❁ مرڪي ۽ خنده پيشاني سان ڳالھ ٻولھ ڪريو ❁ مسلمانن جي دِل جُوئي جي نيت سان ننڍن سان شفقت ڀريو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو رکو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ثواب بہ ملندو ۽ ننڍا وڏا سڀئي اوهان جي عِزّت ڪندا ❁ رڙيون ڪري ڳالھ ڪرڻ سُنّت نہ آهي ❁ سنين سنين نيتن سان ننڍن ٻارن سان بہ اوهان جناب سان گفتگو جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بهتر ٿيندا ۽ ٻار بہ آداب سکندا ❁ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ مهل پردي واري جڳھ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن جو ميل ڪچيل ڪيڻ، ٻين جي سامهون هر هر نک کي هٿ لڳائڻ يا نک يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿڪڻ سٺي ڳالھ نہ آهي، هن سان ٻين کي تڪليف ٿيندي آهي ❁ جيستائين ٻيو ڳالھ ڪري رهيو هجي، اطمينان سان ٻڌو، ان جي ڳالھ ڪٽي پنهنجي ڳالھ شروع ڪرڻ سُنّت نہ آهي ❁ ڳالھ ٻولھ ڪندي يا ڪنهن بہ حالت ۾ ٺهڪ نہ لڳايو ڇوتہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن ٺهڪ نہ لڳايو ❁ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين سان هر وقت پرهيز ڪريو، گار گند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو ڪنهن مسلمان کي بلااِجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي ۽ بي حيائي جي ڳالھ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ان شخص تي جنّت حرام آهي جيڪو فحش گوئي سان ڪم وٺي ٿو. فحش ڳالھ جي معنيٰ آهي: اَلتَّعْبِيْرُ عَنِ الْاُمُوْرِ الْمُسْتَقْبِحَةِ بِالْعِبَارَاتِ الصَّرِيْحَةِ

---

[1]...اِبْنِ ماجہ، ڪتاب الزہد، صفحہ:667، حديث:4101۔

يعني شرمناڪ معاملن (مثلاً گندن ۽ بُرن معاملن) جو چٽي لفظن ۾ تذڪرو ڪرڻ. [1]

میری زبان تَر رہے ذِکْر و درود سے | بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضُول [2]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَکَاتُهُمُ العَالِيه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو | ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…550 سنتیں اور آداب، صفحہ:34۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:243۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

1… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2… افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2] … ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455